# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXVII مجريه 2001
# SINDH ORDINANCE NO.XXXVII OF 2001
# سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس، 2001
# THE SINDH BUILDING CONTROL (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001
## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر. V جي دفعه 19 جي ترميم

Amendment in section 19 of Sindh Ordinance No.V of 1979

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXVII مجريه 2001
# SINDH ORDINANCE NO.XXXVII OF 2001
# سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس، 2001
# THE SINDH BUILDING CONTROL (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[3 ڊسمبر 2001]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن ته گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2) هي اهڙي تاريخ تي لاڳو ٿيندو جيئن حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي بيان ڪري.

commencement

1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر. V جي دفعہ 19 جي ترميم
Amendment in section 19 of Sindh Ordinance No.V of 1979

2. سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول آرڊيننس، 1979 جي دفعہ 19 ۾:

(i) ذيلي دفعہ (1_A) لاءِ بشمول ان جي شرطيہ بيان جي، هيٺين ذيلي دفعات (1_A) ۽ (1_B) ڪي متبادل بڻايو ويندو، جيڪي هن آرڊيننس جي شروعات کان ڇارنهن مهينن تائين لاڳو رهنديون ۽ ان کانپوءِ اصل ذيلي دفعہ (1_A) ٻيهر بحال ٿي ويندو:

"(1_A) اٿارٽي يا ان طرفان بااختيار بڻايل ڪو شخص سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس، 2001 جي نافذ ٿيڻ کان اڳ ۾ منظور ٿيل بلڊنگ پلان تي جيڪڏهن عمارتي ڪم ڪرائڻ جي ڏوهہ جو مرتڪب ٿيندو تہ هن کي ادا ڪرڻو پوندو موجود ڪمپوزيشن في کان پنجاهہ سيڪڙو اضافي تي سئو سيڪڙو تائين مختلف علائقن لاءِ جيئن ملڪيتي ملهہ واري ٽيبل ۾ ڪيٽيگرين ۾ ورهايو ويو آهي، جيڪا بورڊ آف روينيو سنڌ طرفان جاري ڪيو ويو آهي، جيئن هيٺ ڏنل ٽيبل ۾ بيان ڪيو ويو آهي ۽ ٻيون فيس جيئن بيان ڪيل هجن، تعميراتي معيار جو سرٽيفڪيٽ ڏيڻ تي ڪنهن لائسنس يافتہ تعميراتي انجنيئر جي تصديق تي اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن بيان ڪيو ويو هجي:

بشرطيڪ ڪو بہ ڏوهہ قائداعظم جي مزار جي 3/4 ميل (1.2) ڪلوميٽر چوڌاريءَ ۾ سمنڊ جي سطح کان 91 فٽ (27.72 ميٽر) جي پوڊيم ليول تي جوڙيل ڪنهن عمارت جي سلسلي ۾ اهڙي ريت ملايو نہ ويندو.

وضاحت: هن ذيلي دفعہ جي مقصد لاءِ "تعميراتي ڪم" ۾

شامل آهي اضافي ڍڪيل ايراضي، لازمي کليل جڳهن جي پيچڪڙي ۽ اوچائيءَ جي پابندي وغيره.

**ٽيبل**

| | |
|---|---|
| چاڻايل ويلوئيشن ٽيبل جي ڪيٽيگري VI ۾ چاڻايل علائقن لاءِ | 50 سيڪڙو |
| چاڻايل ويلوئيشن ٽيبل جي ڪيٽيگري V ۾ چاڻايل علائقن لاءِ | 75 سيڪڙو |
| چاڻايل ويلوئيشن ٽيبل جي ڪيٽيگري IV ۾ چاڻايل علائقن لاءِ | 150 سيڪڙو |
| چاڻايل ويلوئيشن ٽيبل جي ڪيٽيگري II ۽ III ۾ چاڻايل علائقن لاءِ | 250 سيڪڙو |
| چاڻايل ويلوئيشن ٽيبل جي ڪيٽيگري A1 ۽ 1 ۾ چاڻايل علائقن لاءِ | 300 |

(1_B) جيستائين ڪجهه ذيلي دفعه (1_A) جي گنجائشن جي متضاد نه هجي، ڪو به ڏوهه عمارتن جي سلسلي ۾ چاڻايل شرطن سان نه ملايو ويندو:

(a) جنهن جون ماحول لاءِ نقصانڪار سرگرميون هجن، جهڙوڪ بناوت، خطرناڪ ۽ ٻرڻ لائق سامان جو ذخيرو يا ٽرانسپورٽ سيڪٽر جي خدمت ۾ رنڊڪ وجهي، جيستائين اهڙين رنڊڪن کي هٽايو نه وڃي؛

(b) جتي پارڪنگ جي جڳهه ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ استعمال ٿئي ٿي، جيستائين اها جڳهه پنهنجي اصل مقصد ڏانهن واپس ڪئي وڃي؛

(c) جيڪا روڊ جي ويڪرو رکڻ واري اسڪيم يا

پراپرٽي لائين سان ٽڪراءَ ۾ جوڙي وئي هجي، يا
ڪنهن نقصانڪار استعمال ۾ آهي.“؛

(ii) ذيلي دفعہ (1_B) ڪانپوءِ مٿي ڄاڻايل طريقي موجب متبادل بڻايو ويندو، هيٺين نئين ذيلي دفعہ جو اضافو ڪيو ويندو:

“(1_C) اٿارٽي يا ڪوان طرفان بااختيار بڻايل ڪو شخص ان سلسلي ۾ ڪيل ڪمن يا ڪيل پيچڪڙي جو ڏوهہ ڪري سگهي ٿو، جيڪي ضابطن جي خلاف هجن، فوٽ پرنٽ، لازمي کليل جڳهہ، اضافي ڍڪيل ايراضي يا عمارت جي پروجيڪشنز جي موجود ڪمپوزيشن في جي ادائگي تي، جيڪا چار سئو سيڪڙو وڌائي وئي هجي ۽ ٻيون فيس، جيڪڏهن فرق اجازت ڏنل حدن جي ويهہ سيڪڙو کان وڌيڪ نہ هجي شرطن ۽ ضابطن تي، جيئن اٿارٽي طرفان بيان ڪيو ويو هجي.”

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**